هفتيوار رسالو

# سُڪون ڏيندڙ آيتون



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو.

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **سکون ڏيندڙ آيتون**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

پهريون دفعو: رمضان المبارک 1447ھ مارچ 2026ع

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريدڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# سڪون ڏيندڙ آيتون

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ**
**محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# پهريان هن کي پڙهندا

الله ربُّ العالمين جو ڪلامِ پاڪ اهڙو ته دل کي وڻندڙ ۽ روح کي سڪون ڏيندڙ آهي جو جيڪڏهن ڪو محبت ۽ ادب جو دامن پڪڙي، ۽ پوريءَ دل جي حضور ۽ يڪسوئيءَ سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندي ان جي ترجمي تي غور ڪري، ته الله پاڪ جي رحمت سان ان جي دل کي بي پناهه سڪون، چين ۽ قرار نصيب ٿيندو آهي. ڪلامِ پاڪ ۾ اهڙي راحت آهي، جيڪا دنيا جي ڪنهن به بئي شيءِ ۾ ناهي، اسان جو پيارو رب پاڻ ارشاد فرمائي ٿو: منهنجي ياد ۾ ”دلين جو چين آهي“. هن مختصر رسالي ۾ ڪجهه اهڙيون مبارڪ آيتون پيش ڪيون ويون آهن، جيڪي پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم جي اعتبار کان نهايت واضح ۽ دلين کي ڇُهندڙ آهن. انهن آيتن ۾ خاص ڪري غمگين دلين لاءِ تسلي، بيقرارن لاءِ قرار، پريشان حالن لاءِ چين ۽ سڪون، ۽ ڏکن جي ماريلن لاءِ راحت ۽ خوشي جو سامان موجود آهي. شرط اهو آهي ته اطمينانِ قلب سان پرامن ماحول ۾ انهن مبارڪ آيتن ۽ انهن جي ترجمي کي ذهن ۽ دماغ ۾ دهرايو ۽ غور ڪريو ته الله پاڪ پنهنجن ٻانهن سان ڪيتري محبت ۽ اپنائيت جو اظهار فرمائي رهيو آهي. اهڙي ئي ملندڙ جُلندڙ موضوعن تي آيتن جي چونڊ جو سلسلو ڪافي وقت کان جاري هو. مفتيِ اهلِ سنت مفتي محمد قاسم عطاري مَدَّظِلُّہُ العالي جو اهڙو ئي هڪ وڊيو ڪلپ ڏٺم ته ذهن ٺهيو ته هاڻي هن ڪم کي منظرِ عام تي آندو وڃي. الله پاڪ جي توفيق سان في الحال ڪجهه مبارڪ آيتن تي مشتمل هي رسالو پيش ڪجي ٿو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هي سلسلو جاري رهندو. الله پاڪ هن کي سچي اُمت لاءِ فائدي مند بڻائي ۽ منهنجي، منهنجي والدين، استادن ۽ پير و مرشد جي بي حساب بخشش جو ذريعو بڻائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

طالبِ غمِ مدينه و بقيع و بي حساب مغفرت

ابومحمد طاهر عطاري مدني عفی عنه

(شعبو: هفتيوار رسالو مطالعو)

26رجب شريف 1447 هجري، 16 جنوري 2026ع

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# سکون ڏيندڙ آيتون

**دعاءِ عطار :** ياربّ ڪريم! جيڪو بہ ھي 20 صفحن جو رسالو ”سڪون ڏيندڙ آيتون“ پڙھي يا ٻڌي وٺي، ان جي زندگي سڪون ۽ خوشين سان پري چڏ ۽ ان ڪي ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنھن مسلمان وٽ صدقو ڪرڻ لاءِ ڪجھ نہ ھجي، ان کي گھرجي تہ پنھنجي دعا ۾ ھيئن چوي: اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ تہ ھي زڪوات (يعني صدقو) آھي ۽ مومن ڪڏھن بہ ڀلائيءَ مان سير ناھي ٿيندو، تان جو جنت ان جو ٺڪاڻو بڻجي ويندي آھي.“ (ابنِ حبان، 130/2،حديث:900)

**شرحِ حديث:** جيڪو شخص صدقو ڪرڻ جي سگھہ نٿو رکي، ان جو رسولِ پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ الله پاڪ کان رحمت جي دعا ڪرڻ (يعني درود پاڪ پڙھڻ) ان جي لاءِ صدقو آھي. (السراج المنيربشرح جامع الصغير،2/ 232ماخوذاً)

اے مدینے کے تاجدار سلام | اے غریبوں کے غمگسار سلام
تیری اِک اِک ادا پہ اے پیارے | سو دُرودیں فِدا ہزار سلام

(ذوقِ نعت، ص 170)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حافظن تي تعجب آھي

حضرتِ ابُوالحسن احمد بن ابو حَواري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڏا عابد ۽ دنيا کان بي رغبت بزرگ ھئا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي ۽ ان جي ھڪ ھڪ آيت ۾ غور ڪيو تہ منھنجي عقل حيران

رهجي وئي! مون کي قرآنِ ڪريم جي حافظن تي وڏو تعجب ٿيو ته اهي ڪيئن سمهن ٿا، ڪيئن گهمن ڦرن ٿا ۽ دنيا جي ڪمن ڪارن ۾ ڪيئن مشغول ٿي ويندا آهن، جڏهن ته اهي الله پاڪ جي ڪلام جي تلاوت ڪندا آهن، جيڪو ڪجهه هو تلاوت ڪندا آهن، جيڪڏهن ان کي (حقيقي معنيٰ ۾) سمجهن ها، ان مان لذت حاصل ڪن ها ۽ ان جي ذريعي مناجات (يعني بارگاهه خداونديءَ ۾ دعائون) ڪن ها، ته پوءِ مسرت ۽ خوشيءَ وچان سندن ننڊون اڏامي وڃن ها ته اسان کي ڪهڙي عظيم دولت عطا ٿي آهي ۽ ڪهڙي عمل جي توفيق ڏني وئي آهي. (حلية الاولياء، 21/10، رقم:14354)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

میرے ربّ کا کلام ہے قرآں　　واہ کیا بات پیارے قرآں کی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي قرآن جا عاشقو! الله پاڪ پنهنجي سڀ کان پياري ۽ آخري نبي مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پنهنجو سڀ کان افضل ڪتاب ”قرآنِ ڪريم“ نازل فرمايو. هي اهو عظمت، برڪت ۽ رحمت وارو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هر شيءِ جو بيان موجود آهي. هن ڪلامِ پاڪ ۾ غيب جون خبرون، دنيا ۽ آخرت سنوارڻ جا طريقا ۽ مومنن لاءِ وڏيون خوشخبريون آهن. ڪاش! روزانو تلاوتِ قرآن اسان جو معمول بڻجي وڃي ۽ اسان کي به ڪلامِ پاڪ جي حقيقي لذت نصيب ٿي وڃي. آمين

## 20 ڀيرا دهرايائون

صحابيءِ رسول حضرتِ ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سفر دوران هڪ رات گذاري، ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ“ پڙهي، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايتري قدر رُنا جو زمين تي تشريف ڪٽي آيا، پوءِ 20 ڀيرا ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ“ پڙهيائون، هر ڀيري پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهڻ مهل روئيندا ها ايستائين جو زمين تي تشريف ڪٽي ايندا هئا. پوءِ فرمايائون: جنهن تي

رحمٰن و رحيم رحم نہ فرمائي، بيشڪ اهو شخص نقصان کڻڻ وارن مان آهي. (اخلاق النبی للاصبہانی، ص 111، حدیث: 551)

هن حديث جي شرح ۾ آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن "بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم" جي معنيٰ ۾ غور و فکر ڪرڻ جي لاءِ ان کي بار بار دهرايو چوتہ هي قرآنِ ڪريم جي تمام رازن جي جامع آهي. (اتحاف السادة ، 89/5)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صاحبِ قرآن آهن ۽ ڪين قرآن جي سمورن رازن جي ڄاڻ آهي. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪلامِ پاڪ جي حقيقي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهندا هئا، سندن اُمت جي تعليمَ ۽ اصلاح لاءِ اهڙا ڪيترائي واقعا حديثن ۾ بيان ٿيل آهن.

## لذتِ قرآن مان بي اختيار روئڻ وارو

تمام مسلمانن جي پياري امڙ حضرتِ بي بي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا کان روايت آهي تہ منهنجا والدِ محترم حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جڏهن قرآنِ ڪريم جي تلاوت فرمائيندا هئا تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو پنهنجن ڳوڙهن تي اَختيار نہ رهندو هو (يعني زار و قطار روئڻ لڳندا هئا).

( شعب الایمان ، 1/ 493، حدیث : 806)

## ڪلامُ اللّٰه جي لذت

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حقيقت آهي تہ هيري جو قدر جوهري (هيري جي پرک رکندڙ) ئي ڄاڻي سگهي ٿو. اهڙي طرح اللّٰه پاڪ جي ڪلام ۾ غور و فکر ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي، بلڪ اهو صرف علماءِ ڪرام ڪَثَّرهمُ اللّٰه (يعني اللّٰه پاڪ انهن جو تعداد وڌائي) ئي ڪري سگهن ٿا، چوتہ وٽن غور و فکر واري سوچ، عقل ۽ پَروڙ هوندي آهي. اللّٰه پاڪ جي فضل سان جيڪڏهن اسان کي بہ قرآن جي تلاوت ۽ ان جي معنيٰ ۽ مفهوم جي حقيقي معرفت (يعني سڃاڻپ) نصيب ٿي وڃي، تہ هن ڪلام ۾ اهڙي لذت آهي جو دنيا جي ڪنهن بہ ٻئي شيءِ ۾ ناهي بلڪ دل ڪري بس قرآن ڪريم تلاوت ئي ڪندا رهون، مسلمانن جي ٽئين خليفي،

حضرتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي باري ۾ منقول آهي تہ پاڻ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ايتري تہ ڪثرت سان فرمائيندا هئا، جو قرآنِ پاڪ جو نسخو (گهِٽجي استعمال سبب) شهيد ٿي ويو. (البدايہ و النہايہ، 307/5) پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن توهان جون دليون پاڪ هجن ها تہ قرآنِ ڪريم کان ڪڏهن بہ سير نہ ٿيو ها، مون کي ڪو بہ ڏينهن يا رات قرآنِ مجيد جي تلاوت کانسواءِ گذارڻ پسند ناهي.“ (حلية الاولياء، 350/7، رقم: 10813) اللّٰہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

سُبْحٰنَ اللّٰہ! ڪاش! جامعُ القرآن مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي صدقي اسان کي بہ تلاوت جو ذوق و شوق نصيب ٿي وڃي. ڪاش! اسان کي بہ حقيقي لذتِ قرآن ۽ روحاني سڪون حاصل ٿي وڃي.

تمھیں کو جامعِ قرآن کا حق نے دیا منصب عطا قرآں کو کر کے جمع کی اُمّت کو آسانی

(وسائلِ بخشش،ص584)

## ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيندا هئا

روايت ۾ آهي تہ اللّٰہ پاڪ جا پيارا نبي، حضرت موسيٰ ڪليم اللّٰہ عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن ڪوهِ طور تي اللّٰہ پاڪ سان هم ڪلام ٿي واپس ماڻهن ۾ تشريف ڪٽي ايندا هئا، تہ (اللّٰہ پاڪ سان گفتگو مان حاصل ٿيندڙ روحاني لذت جي ڪري) ڪين ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌڻ مان وحشت محسوس ٿيندي هئي ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجن مبارڪ ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيندا هئا "..

(منہاج العابدين، ص 44)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم ۽ اولياءِ عظام رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَيْه جا اهڙا ڪيترا ئي واقعا موجود آهن، جن ۾ هو سڄي سڄي رات ڪلامِ الاهيءَ جي حلاوت مان لطف اندوز ٿيندا هئا ۽ ان مان ڪين اهڙو تہ ذوق ۽ سرور حاصل ٿيندو هو جو ڪين طويل راتين جي گذرڻ جي سُڌ ئي نہ پوندي هئي.

هڪ طرف انهن پاڪ هستين جون پاڪيزه ڪيفيتون هيون ۽ ٻئي طرف اسان آهيون، پهريان تہ اسان گنهگارن کي تہ تلاوت جي سعادت ئي

گھٽ نصيب ٿيندي آهي جيڪڏھن ملي بہ وڃي تہ دل چوندي آهي تہ جلدي جلدي ختمِ قرآن ڪريون. زبان تلاوت ڪندي آهي پر دل دنيا جي خيالن ۾ هوندي آهي. اهڙي بي دليءَ سان تلاوت ڪرڻ وارن جي باري ۾ هيءَ عبرتناڪ روايت پڙهو ۽ عبرت جو سامان ڪيو:

## ڇا تنهنجي ويجهو منهنجو ڪو مرتبو ئي ناهي؟

حضرت شيخ ابو طالب مڪي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ مون تورات ۾ الله پاڪ جو هي فرمان پڙهيو، الله پاڪ پنهنجي ٻانهي کي فرمائي ٿو: ”اي منهنجا ٻانها! ڇا توکي مون کان حيا نٿو اچي؟ جيڪڏھن تون پنڌ وڃي رهيو هجين ۽ تنهنجي ڪنهن دوست جو خط اچي وڃي تہ تون ان جي مطالعي لاءِ رستي تان پاسيرو ٿي ويهي رهين ٿو پوءِ ان جي هڪ هڪ اکر کي نهايت غور ۽ فڪر سان پڙهين ٿو، تہ جيئن ڪا بہ ڳالهہ تنهنجي نظر کان رهجي نہ وڃي، پر هي منهنجو ڪتاب آهي جيڪو تو ڏانهن نازل ڪيو آهي، ٿورو ڌيان تہ ڏي! مون ان ۾ توکي ڪيترا حڪم ڏنا آهن ۽ انهن کي بار بار ذڪر ڪيو آهي تہ جيئن تُون ان ۾ غور و فڪر ڪرين؟ پوءِ بہ تون ان کان منهن موڙيو ويٺو آهين! ڇا منهنجي حيثيت تنهنجي ويجهو تنهنجي دوستن کان بہ گھٽ آهي؟ اي ٻانها! جڏھن تنهنجو ڪو ياءُ تنهنجي ويجهو ويهندو آهي تہ تون ان ڏانهن پوريءَ طرح متوجهہ ٿيندو آهين، ۽ ان جي ڳالهہ دل سان ٻڌندو آهين تہ جيڪڏھن ڪو شخص تو سان ڳالهہ ڪري تہ ان کي اشاري سان چپ ڪرائي ڇڏيندو آهين ۽ هوڏانهن مان توتي نظرِ رحمت فرمائيندو آهيان ۽ تو سان خطاب ڪندو آهيان پر تون آهين جو پنهنجي دل کي ڦيريو ويٺو آهين، بس تو مونکي پنهنجي ياءُ کان بہ گھٽ سمجهي رکيو آهي. (قوت القلوب، 109/1)

## مبارڪ ڪتاب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جي تلاوت مڪمل توجهہ، خوشدليءَ ۽ عاجزي و انڪساريءَ سان ڪريو، تلاوت دوران جيڪڏھن ترجموڪنزُالايمان يا آسان ترجمو قرآن ڪنزُالعرفان پيشِ نظر هجي، تہ ڪيئي آيتون معنيٰ جي لحاظ کان اهڙيون تہ عام فهم (يعني جلد سمجهہ ۾ اچڻ واريون) هونديون آهن، جو جيڪڏھن ٻانهو ٿوري دير ترسي غور ڪري، تہ ڪيس سمجهہ ۾ اچي ويندو تہ ”منهنجو ڪريم رب مون کي ڇا

فرمائي رهيو آهي.“ اهڙي طرح ڪي آيتون دل ڪي ايتري راحت ۽ سڪون پهچائيندڙ بشارتن (يعني خوشخبرين) تي مشتمل هونديون آهن، جو جيڪڏهن غور و فڪر ڪجي تہ رحمتِ الٰهيءَ سان اکين مان لڙڪ جاري ٿي وڃن تہ ڪٿي مان غافل ۽ سست ٻانهو ۽ ڪٿي منهنجو رحيم و ڪريم پالڻهار! تلاوت ڪندي روئڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ هي قرآن (حُزن) غم سان نازل ٿيو آهي، تنهنڪري جڏهن توهان ان کي پڙهو تہ روئو ۽ جيڪڏهن روئي نٿا سگهو تہ روئڻ جهڙي صورت ٺاهيو. (ابنِ ماجہ، 2 / 1 29، حديث: 1 3 1 37)

## غم جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ جو طريقو

تلاوت وقت دل ۾ غم پيدا ڪرڻ جو طريقو اهو آهي تہ ٻانهو قرآن ۾ موجود نصيحتن، ڊيڄاريندڙ ڳالهين ۽ وعدن کي ياد ڪري، پوءِ الله پاڪ جي احڪام ۽ منع ڪيل ڳالهين جي باري ۾ پنهنجي ڪوتاهين تي غور ڪري، تہ يقيناً ان جي دل ۾ غم پيدا ٿيندو ۽ اکين مان لڙڪ جاري ٿي پوندا. ۽ جيڪڏهن نہ ڪو غم هجي ۽ نہ ئي اکين مان لڙڪ وهن، جيئن صاحبِ دل (پاڪيزه دل وارن) جا هنيانءَ روئي پوندا آهن، تہ پوءِ ڪيس پنهنجي ان نہ روئڻ ۽ غمگين نہ ٿيڻ تي روئڻ گهرجي، ڇو تہ اها (يعني دل جي سختي) سڀ کان وڏي مصيبت آهي. (احياءالعلوم،368/1)

## ڪڏهن هن طرح بہ ڪيو

الله پاڪ جي ڪلام جي تلاوت وقت ظاهري توڙي باطني آدابن کي ملحوظِ خاطر رکندي غور و فڪر ڪريو، ڇو تہ تلاوتِ قرآن مان اصل مقصد ئي اهو آهي. قرآنِ ڪريم جي ڪيترين ئي مبارڪ آيتن ۾ غمزدن لاءِ راحتن جو بيان آهي تہ ڪيترين ئي آيتن ۾ بي سهارن لاءِ آسرو موجود آهي. ٿورو غور تہ ڪريو تہ الله رب العالمين منهنجي ذات ۾ ڪيتريون نعمتون رکيون آهن! ربِ ڪريم هن دنيا ۾ منهنجي لاءِ ڪيتريون آسائشون پيدا فرمايون آهن: جيڪڏهن مان پنهنجي هن مختصر زندگيءَ کي ان جي رضا مطابق گذاريان، تہ منهنجي لاءِ قبر ۽ حشر ۾ اهڙي عيش و عشرت جو سامان هوندو، جيڪو نہ ڪنهن اک ڏٺو آهي ۽ نہ ڪنهن ڪن ٻڌو آهي. منهنجي ربِ ڪريم قرآنِ ڪريم جي صورت ۾ منهنجي رهنمائيءَ لاءِ ڪيڏو نہ عظمت ۽ شان وارو ڪتاب مون کي عنايت فرمايو آهي، هن

بابرڪت ڪتاب جي زيارت ڪري ٿورو تصور ته ڪريو ته هي اهو پاڪيزه ڪتاب آهي، جنهن جي الله پاڪ جو ڪلام هئڻ ۾ ذري برابر به شڪ ناهي. هن ڪلامِ پاڪ جو مقام ۽ مرتبو ايترو ته بلند آهي جو هن مبارڪ ڪتاب کي ڇُهڻ جي لاءِ طاهر (يعني پاڪ) هجڻ ضروري آهي. هرڪو عام ماڻهو هن مقدس ڪتاب کي هٿ نٿو لڳائي سگهي، بلڪ حڪم آهي ته پهريان وضو ڪري ظاهري طور صاف سٿرو ٿي پوءِ ڪلامِ پاڪ کي ڇُهي.

هاڻي قرآنِ ڪريم هٿ ۾ کڻي ٿورو تصور ڪريو ته بيشڪ هي اهو ڪلامِ پاڪ آهي، جنهن جو هڪ هڪ حرف اسان جي پياري ۽ آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبانِ مبارڪ تان ادا ٿيو آهي. مان پنهنجي رب جو ڪهڙن لفظن ۾ شڪر ادا ڪريان، جنهن مون کي هي ڪلامِ پاڪ نه صرف پڙهڻ جي اجازت عطا فرمائي، بلڪ پڙهڻ، زيارت ڪرڻ، چمڻ ۽ ڇُهڻ (Touch) تي به منهنجي لاءِ تمام گهڻو اجر و ثواب رکيو آهي. منهنجي رب جو مون تي ڪيڏو نه وڏو احسان آهي.

اَلحمدُ لِلّٰهِ عَلٰی اِحسانِهٖ وَکَرَمِهٖ

## ڪلامِ پاڪ کي چمڻ ڪيئن آهي؟

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه احمد رضا خان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مصحف (يعني قرآن) شريف کي تعظيم خاطر اکين ۽ سيني سان لڳائڻ ۽ چمڻ جائز ۽ مستحب آهي، ڇو ته اهو شعائرُ الله (يعني الله پاڪ جي سڀ کان وڏين نشانين) مان آهي. ۽ تعظيمِ شعائر تقوي القلوب (يعني دلين جي پرهيزگاري) مان آهي. (فتاوی رضويه، 56/22 3)

مسلمانن جا ٻيان خليفا حضرتِ عمر فاروق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ روزانو صبح جو مصحف يعني (قرآنِ ڪريم) کي چمندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: هي منهنجي رب جو عهد ۽ ان جو ڪتاب آهي. مسلمانن جا ٽيان خليفا حضرتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ به قرآن کي چمندا ۽ چهري سان لڳائيندا (Touch) ڪندا هئا.
(در مختار، 634/9)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جا مبارڪ طريقا اسان جي لاءِ رول ماڊل (يعني بهترين مثال) آهن. ڪاش! اسان به روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو قرآنِ ڪريم کي هٿن ۾ کڻون، چمون ۽ اکين سان

لڳايون. اللہ پاڪ جي رحمت مان اِها ڪهڙي بعيد ڳالهہ آهي تہ ان جي برڪت سان قيامت جي ڏينهن اسان جي جسم جا اهي عضوا جيڪي قرآنِ ڪريم سان مس ٿيا هجن، انهن کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهي، جڏهن انهن عضون کي دوزخ جي باهہ نہ ڇُهندي تہ پوءِ ڀلا ٻين عضون کي ڪيئن جلائيندي؟

نارِ دوزخ میں وہ نہ جائے گا باغِ جنت خدا سے پائے گا
جو حقیقی ہے عاشقِ قرآں واہ کیابات ماہِ قرآں کی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## قرآني اسرارٍ رموز

هڪ بزرگ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان هڪ سورت شروع ڪندو آهيان ۽ ان ۾ اهڙي شيءِ جو مشاهدو ڪندو آهيان جو صبح ٿائين ٻيئو رهندو آهيان پر سورت پوري ناهي ٿيندي. اهڙي طرح ڪجهہ بزرگ جڏهن ڪا آيت پڙهندا هئا ۽ دل متوجهہ نہ ٿيندي هئي تہ ان کي ٻيهر پڙهندا هئا.

(احياءالعلوم،375/1)

## ظالم لاءِ تيرءِ مظلوم لاءِ مرهم

ڪروڙين شافعين جا امام، حضرت محمد بن محمد بن ادريس المعروف امام شافعي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: قرآن جي هر آيت ظالم جي دل ۾ تير ۽ مظلوم جي دل لاءِ مرهم آهي. عرض ڪيو ويو اهو ڪيئن؟ ارشاد فرمايائون: اللہ پاڪ سيپارو 16، سورت مريم ۾ فرمائي ٿو:

﴿وَمَا كَانَ رَبُّكَ نَسِيًّا ﴿٦٤﴾﴾ ترجموڪنزُ العرفان: ۽ تنهنجو ربُّ وساريندڙ نہ آهي.

(سيپارو: 16، مريم: 64)

## ٽٽل دلين کي آٿت ڏيندڙ مبارڪ آيتون

اي عاشقانِ رسول! 13 سيپاري ۾ سورهءِ يوسف جي آيت 86 ۾ اللہ پاڪ جي پياري نبي حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جي عاجزيءَ ۽ انڪساري جو ڪمال ذڪر آهي، جيئن تہ اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

﴿قَالَ اِنَّمَاۤ اَشْكُوْا بَثِّیْ وَ حُزْنِیْۤ اِلَى اللّٰهِ وَ اَعْلَمُ﴾ ترجمو ڪنزُ العرفان: يعقوب چيو: مان تہ پنهنجي پريشاني ۽ غم جي فرياد الله ڪي ئي ڪندو آهيان.

## مهرباني ڪري هن آيت تي ترسو، ٿورو غور ڪريو!!!

تي سگهي ٿو تہ توهان ڪنهن مشڪل ۾ ڦاٿل هجو، ڪنهن بيماريءَ جو شڪار هجو، ڪنهن آفت يا مصيبت ۾ مبتلا هجو، ڪنهن آزمائش واري گهڙيءَ مان گذري رهيا هجو يا قرض جي بارَ ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل نہ ڇڏيو هجي، اهڙي ڪنهن بہ حالت ۾ ٿورو هن مبارڪ آيت جي تلاوت ڪري ٿورو ترسو، ٿورو ان جي ترجمي کي اطمينان سان پڙهو ۽ تصور ڪريو تہ انهن مبارڪ لفظن ۾ ڪيڏو نہ سُڪون ۽ سرور ۽ الله پاڪ تي توڪل ۽ ڀروسي جو بيان آهي. هن مبارڪ آيت جي ترجمي کي ذهن ۾ رکي، اڪيلائي ۾ الله جي بارگاهه ۾ روئي روئي عرض ڪريو:

**”اي منهنجا مولىٰ! مان تہ پنهنجي پريشاني ۽ غم جي فرياد توکان ئي ڪريان ٿو. اي منهنجا مولىٰ! مان ڪهڙي حال ۾ آهيان، تو کي سيني ڳالهين جو علم آهي.“**

تي سگهي ٿو تہ حالتن جي تنگي ۽ قلبي اضطراب سبب اوهان جي اکين مان بي اختيار لڙڪ لڙي پون، يقين ڄاڻو تہ اهي ئي دعا جي قبوليت جون گهڙيون آهن. ان وقت رحمتون نازل ٿي رهيون آهن. انهن گهڙين کي غنيمت ڄاڻو ۽ پنهنجي دل جون تمنائون ۽ جائز دعائون رب العزت جي بارگاهه ۾ پيش ڪريو. اها رحيم و ڪريم ذات اسان جي طرف هر وقت، هر گهڙي متوجهه آهي، صرف اسان کي توجهه ڪرڻي آهي: بس پوءِ ڏسو تہ ڪيئن توهان جون منجهيل راهون سلجهڻ لڳن ٿيون: مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَیۡه فرمائن ٿا:

ڪيوں ڪر نہ ميرے ڪام بنيں غيب سے حسنؔ
بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا

(ذوق نعت، ص18)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بي سهارن ۽ ڏکن جي ماريلن لاءِ خوشخبري

الله پاڪ سيپاري 20 جي سورةُ النمل، آيت نمبر 62 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

﴿اَمَّنۡ یُّجِیۡبُ الۡمُضۡطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَ یَکۡشِفُ السُّوۡٓءَ﴾ ترجمو ڪنزُ العرفان: يا اهو بهتر جيڪو مجبور جي فرياد ٻڌي ٿو جڏهن ان کي پڪاري ۽ بُرائي ٽاري ڇڏيندو آهي.

الله پاڪ جي هن فرمانِ عاليشان جي تفسير ۾ هڪ عارف (يعني الله پاڪ جي معرفت رکندڙ بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه) فرمائن ٿا: هتي مجبور ۽ لاچار مان مراد اهو شخص آهي، جيڪو بارگاهِ خداونديءَ ۾ حاضر ٿي دعا گهري تہ پنهنجي ۽ الله پاڪ جي وچ ۾ پنهنجي ڪنهن نيڪيءَ جي طرف نہ ڏسي جنهن جي سبب هو ڪنهن شيءِ (يعني انعام) جو حقدار بڻجي سگهجندو هجي، بلڪ هيئن عرض ڪري: اي منهنجا پالڻهار! مون کي پنهنجي فضل سان بنا ڪنهن بدلي جي اهو عطا فرماءِ. (قوت القلوب، 586/2) صوفياءِ ڪرام رحمهم الله فرمائن ٿا تہ: دل جي بيقراري ۽ تڙپ دعا جي قبوليت لاءِ اڪسير (يعني تمام گهڻو اثر رکڻ واري) آهي.

## هن مبارڪ آيت جي باري ۾ ٿورو ترسو ۽ غور ڪريو!!!

ٿورو غور تہ ڪريو! الله پاڪ هن آيت سڳوريءَ ۾ پنهنجي تمام ٻانهن کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ڪيڏي نہ آٿت ڏئي رهيو آهي. هو دعائون سڀني جون ٻڌندو آهي، پر مجبور ۽ بي سهاري جي دعا خاص طور تي ٻڌندو آهي ۽ نہ صرف ٻڌندو آهي، بلڪ ان جي دعا قبول فرمائي ڪيس پريشان ڪندڙ هر شيءِ کي ڪانئس پري ڪري ڇڏيندو آهي.

اڪيلائيءَ ۾، مڪمل دل سان قرآنِ ڪريم جي زيارت ڪندي هيءَ آيت مبارڪ يا ان جو ترجمو پڙهو، ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري پنهنجون پريشانيون، ڏک، غم، پنهنجا رڪيل ڪم، پنهنجي ۽ پنهنجن پيارن جي بيمارين بلڪ اهي مرض جن جي باري ۾ ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو هجي انهن سڀني کي ذهن ۾ آڻيو ۽ هن آيت مبارڪ جو ورد ڪندي بارگاهِ الاهيءَ ۾ عرض ڪريو:

اي منهنجا مالڪ! مان ڪمزور، هيڻو، بي سهارو، غمن جو ماريل ۽ در در جو ٺڪرايل تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو آهيان. تنهنجي بارگاهہ جيڪا بي ڪسن جي پناهہ گاهہ آهي، اتي تہ هر مجرم کي پناهہ ملي ويندي آهي:

مان تنهنجي نبيءَ جو امتي ۽ تنهنجو ٻانهو تنهنجي در تي پنهنجي مجبوري کڻي آيو آهيان. مونکي در در جي ٺوڪرن کان بچائي وٺ، اي منهنجا مولٰي! منهنجو تو کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ناهي، تون ئي منهنجو آخري سهارو آهين. پوءِ ڏسو دل کي ڪيتري قدر سڪون ۽ راحت حاصل ٿئي ٿي. مولانا حسن رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہِ ڪيڏي پياري ڳالھ چئي آهي:

اِس بے کسی میں دِل کو مِرے ٹیک لگ گئی          شُہرہ سنا جو رحمت بے کس نواز کا

(ذوقِ نعت،ص17)

## ڪڏهن محروم ناهيان رهيو

الله پاڪ جي پياري نبي حضرتِ زڪريا عَلَیۡہِ السَّلَام بارگاهِ الاهيءَ ۾ نيڪ پٽ لاءِ دعا گهري. ان مبارڪ دعا ۾ نهايت عاجزي ۽ انڪساريءَ جو اظهار ڪندي ۽ رحمتِ الٰهيءَ تي تمام ناز ڀري انداز ۾ عرض ڪن ٿا:

﴿وَّلَمۡ اَكُنۡۢ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا﴿۴﴾﴾ ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اي منهنجا رب! مان توکي پڪاري ڪڏهن محروم نہ رهيس. (سيپارو: 16، مريم: 4)

## مهرباني ڪري هن آيت مبارڪ تي ترسو، ۽ ٿورو غور ڪريو!!!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ دعائن کي ضرور قبول فرمائيندو آهي، خاص ڪري نيڪ ٻانهن جي ۽ انهن کان بہ وڌيڪ انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي، پر انهن مبارڪ لفظن تي غور ڪريو تہ الله پاڪ تي ڪيتري قدر يقينِ ڪامل (يعني مڪمل يقين) ۽ توڪل جو اظهار آهي. اڄ جيڪڏهن اسان بہ پنهنجي آزمائشن، آفتن ۽ مصيبتن ۾ در در جون ٺوڪرون ڪائڻ ۽مختلف سفارشن ذريعي پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ بدران، سڀ کان پهريائين الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ مڪمل يقين ۽ ويساهہ سان زاريون نيازيون ڪري عرض ڪيون، ڇا بعيد آهي تہ هوا ۾ اٽيل هٿ اڃا هيٺ نہ اچن ۽ اسان جون ضرورتون توڙي حاجتون پوريون ڪيون وڃن. پر! ان لاءِ يقينِ ڪامل شرط آهي. جيڪڏهن اولادِ نرينہ جي تمنا هجي، تہ بارگاهہ رب العزت ۾ دعا گهري نهايت عاجزيءَ سان روئي زاريون ڪندي حضرتِ زڪريا عَلَیۡہِ السَّلَام جا ادا ڪيل اهي مبارڪ لفظ دهرايو، تي سگهي ٿو تہ توهان تي بہ ڪرم جو دروازو ڪلي وڃي ۽ دل جون مرادون پوريون ٿي

وجن. اميرِ اهلِ سنت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عرض ڪن ٿا:

ہاتھ اٹھتے ہی بَر آئے ہر مُدَّعا ۔۔۔ وہ دعاؤں میں مولیٰ اثر چاہئے

(وسائلِ بخشش، ص513)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جڏهن ظالم جي ظلم کان ٿڪجي وڃو

الله نہ ڪري ڪڏهن ظالم جا ظلمَ ۽ ستم برداشت ڪندي همت جواب ڏئي وڃي، تہ حضرت نوح نجيُ الله عَلَيْهِ السَّلَام جا ادا ڪيل مبارڪ لفظ، جيڪي هن آيت مبارڪ ۾ آهن، انهن کي يا انهن جي ترجمي کي پڙهي پنهنجي دل کي آٿت (تسلي) ڏيو. سيپارو 27 جي سورة القمر، آيت نمبر 10 ۾ آهي:

﴿اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ ﴿۱۰﴾﴾ ترجموڪنزُالعرفان: مان مغلوب آهيان پوءِ تون (منهنجو) بدلو وٺ.

## مهرباني ڪري هن آيت مبارڪ تي ترسو، ٿورو غور ڪريو!!!

هن آيت مبارڪ جو ترجمو ذهن ۾ رکندي بارگاهِ الاهيءَ ۾ عرض ڪريو: اي الله پاڪ! مان ظالم جي ظلم ۽ ستم کان ٿڪجي پيو آهيان، مون ۾ ان سان مقابلي جي سگهہ ناهي، تون ئي منهنجو سڀ ڪجهہ آهين: مولىٰ! مان مغلوب آهيان، تون منهنجو بدلو وٺ.

منهنجا مالڪ ۽ مولىٰ! نفس ۽ شيطان وڏا سرڪش ۽ ظالم آهن، اهي مون کي گناهن ۾ ڦاسائي هلاڪت جي اونهي کڏ ۾ اڇلائڻ چاهين ٿا. منهنجي اندر انهن سان وڙهڻ جي طاقت ناهي. مولىٰ! تون منهنجو بدلو وٺ، مون کي همت ڏي، مون کي سگهہ عطا فرماءِ تہ جيئن مان انهن ظالمن جي چنبي مان نڪري تنهنجي واٽ تي هلي سگهان، تنهنجي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن تي هلان، نيڪيءَ جي دعوت ڏيان، دعوتِ اسلامي جا ديني ڪم ڪريان، گناهن کان بچان، تنهنجا پاڪ گهرَ (يعني مسجدون) آباد ڪرڻ لاءِ سيني کي نماز جي دعوت ڏيان، فجر لاءِ بہ (مسلمانن کي) جاڳايان، مولىٰ! نفس ۽ شيطان غالب اچي ويا آهن، مان مغلوب ٿي ويو آهيان، اي منهنجا مولىٰ! تون منهنجو بدلو وٺ.

# شيطان ڪتو آهي

امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب ’منهاج العابدين‘ ۾ تحرير فرمائن ٿا ته هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: شيطان کي پڇاڻ جو طريقو اهو ئي آهي ته الله پاڪ جي پناهه گهرندا رهو، ڇوته شيطان هڪ اهڙو ڪتو آهي جنهن کي الله پاڪ توهان تي مسلط ڪيو آهي: جيڪڏهن توهان ان سان وڙهڻ ۽ ان کي پري پڇاڻ ۾ لڳي ويا ته ٿڪجي پوندؤ ۽ اهو ڪتو توهان تي غالب اچي توهان کي چڪ هڻي زخمي ڪري وجهندو. تنهنڪري ان ڪتي جي مالڪ يعني الله رب العزت ڏانهن رجوع ڪرڻ ئي وڌيڪ بهتر آهي، ته جيئن هو ان کي توهان کان پري ڪري ڇڏي. (منهاج العابدين، ص 46)

نفس و شيطان ہوگئے غالب ان کے چنگل سے تو چھڑا یارب
(وسائلِ بخشش،ص79)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ علٰى مُحَمَّد

# الله پاڪ جي حوالي

هي سچ آهي ته ’تقدير جي ڳنڍ کي تدبير جا ننهن ڪڏهن به کولي نٿا سگهن“ الله پاڪ جيڪو ڪجهه اسان جي مقدر ۾ لکي ڇڏيو آهي، اهو هر صورت ۾ اسان کي ملي رهندو، پر جيڪڏهن اسان الله وارن جا انداز ۽ واقعا پڙهون ته حيران رهجي ويندا سين ته ڪيئن انهن پنهنجا سمورا معاملا الله جي حوالي ڪري ڇڏيا هئا ۽ سندن ڪم پاڻمرادو بڻجندا رهيا حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيۡهِ السَّلَام تفويض جي اعليٰ مقام تي پهچي چڪا هئا، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي شهيد ڪرڻ لاءِ جڏهن بدبخت نمرود دنيا جي سڀ کان وڏي باهه ٻاري ۽ کين ان ۾ اڇلايائين، ته باهه ۾ پهچڻ کان پهريان ملائڪن جي سردار حضرت جبرائيل امين عَلَيۡهِ السَّلَام حاضر ٿي عرض ڪيو: جيڪڏهن مون کان ڪنهن مدد جي ضرورت هجي ته فرمايو، ته پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايائون: مدد جي ضرورت ته آهي، پر توهان کان نه، بلڪ پنهنجي رب کان آهي. حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: پوءِ ان جي ئي بارگاهه ۾ عرض ڪريو. ان تي پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪو جواب ارشاد فرمايو، اهو سونهري اکرن سان لکڻ

جهڙو آهي. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايائون: منهنجي حال جي منهنجي رب کي خبر آهي، مونکي عرض ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

(تفسير ڪبير ، پ 17، الانبيآء، تحت الآية: 68، 158/8 )

جانتا ہے میرا ربِ جلیل آگ میں جاتا ہے اس کا خلیل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جنهن معاملي يا ڪم ۾ خطري جو انديشو هجي، ان ۾ هيءُ پختو ارادو رکڻ ته الله پاڪ ئي بهتريءَ سان حفاظت فرمائيندڙ آهي، ان کي تفويض چئبو آهي، اها تصوف جي هڪ خاص اصطلاح آهي. يقينًا بارگاهِ الٰهيءَ ۾ دعا ڪرڻ تقدير جي خلاف ناهي، پر اسان ته پنهنجن معاملن بابت سوچيندي سوچيندي **Overthinking** (گهري سوچ) جو شڪار ٿي ويندا آهيون. نياڻي ڄمڻ جي خبر ملي ته ڪو نادان ان وقت ئي ٻارڙيءَ جي پرورش، ڏاج ۽ شادي وغيره بابت سوچي سوچي پنهنجو حال برو ڪري وٺندو آهي ۽ ڌيءَ جي پيدائش تي افسوس جو اظهار ڪندو آهي، جيڪو غير مسلمن جو طريقو آهي جڏهن ته نياڻي الله پاڪ جي رحمت ۽ وڏي نعمت آهي، جنهن تي اُن جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. نه ڄاڻ ائين روزاني زندگيءَ جا ڪيترائي ڪم آهن، جن جي باري ۾ اسان گهڻو ڦيريان سوچڻ لڳندا آهيون ۽ پوءِ پاڻ ئي نتيجا ڪڍي غم ۽ الم جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويندا آهيون. اهڙي موقعي تي الله پاڪ جي پياري ڪلامِ پاڪ ڏانهن متوجهه ٿيو ۽ سيپاري 24 جي سورة المؤمن، آيت نمبر 44 مان مدد وٺندي پاڻ کي چئو: (جيئن ته ارشاد ٿئي ٿو:

﴿وَ اُفَوِّضُ اَمۡرِیۡۤ اِلَی اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیۡرٌۢ بِالۡعِبَادِ ﴿۴۴﴾﴾ ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ مان پنهنجا ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو، بيشڪ الله ٻانهن کي ڏسي ٿو.

## مهرباني ڪري هن آيت مبارڪ تي ترسو ۽ ٿورو غور ڪريو!!!

دل جي اطمينان ۽ توجهه سان اڪيلائيءَ ۾ هن آيتِ ڪريمه جي ترجمي تي غور ڪري هڪ هڪ لفظ ادا ڪريو ۽ ان لذت کي محسوس ڪريو جنهن جو بيان هن آيت ۾ آهي: ان ۾ موجود لفظ ڪيڏي نه همت ۽ حوصلي وڌائڻ وارا آهن! جيڪڏهن (معاذ الله) گهر ۾ اولاد جي پيدائش تي سندن پرورش جي خرچن جي نه هجڻ جي صورت ۾ نفس ۽ شيطان وسوسا وجهن، ته پاڻ کي چئو: منهنجو رب روزانو ڪيوليءَ کي ڪَڻ ۽ هاٿيءَ کي 'مَڻ'

عطا فرمائيندو آهي، هو پلا مونکي ڪيئن محروم رکندو! هيءَ عارضي آزمائش آهي ۽ هي وقت به گذري ويندو. هڪ وهيل مڇيءَ جي روزاني غذا ڪيترائي مڻَ آهي، پر منهنجو رب ڪريم سمندن جي تهه ۾ به پنهنجي ان مخلوق کي روزي عطا فرمائي رهيو آهي، هو مونکي به عطا فرمائيندو، بلڪ دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ هر ساهوارو جيترو وقت تائين دنيا ۾ زنده رهڻو آهي، اوترو روزي الله ان جي مقدر ۾ لکي ڇڏي آهي ۽ اها ڪيس ملي ئي رهندي. تنهنڪري مان ڇو ٻارن جي پيدائش يا نياڻي ڄمڻ تي ان جي شادي ۽ ڏاج وغيره جي معاملن تي غم ڪريان جنهن ماءُ جي پيٽ ۾ ان کي غذا فراهم ڪئي آهي، اهو ئي ڪيس دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ به روزي عطا فرمائيندو. هڪ شخص کان پڇيو ويو: تون ڪٿان کائيندو آهي؟ ان پنهنجي منهن ڏانهن اشارو ڪري چيو: جنهن هيءَ چڪي ٺاهي آهي، هو ان ۾ پيهڻ لاءِ اناج به ڏيندو آهي. (المستطرف، 124/1)

ہماری بگڑی بنی اُن کے اِختیار میں ہے

سِپرد اُنہیں کے ہیں سب کاروبار ہم بھی ہیں

## رک مولیٰ تي آس

حضرت امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: جڏهن توهان پنهنجو معاملو الله پاڪ جي حوالي ڪري ڪانئس اها دعا گهرندؤ ته هو توهان لاءِ اها شيءِ مقرر فرمائي جنهن ۾ توهان جي بهتري هجي، ته توهان کي ڀلائي ۽ بهتري ئي نصيب ٿيندي. ڇا توهان نٿا ڏسو ته الله پاڪ جي پياري نبي حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن اهي لفظ ﴿وَاُفَوِّضُ اَمۡرِیۡۤ اِلَی اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیۡرٌۢ بِالۡعِبَادِ﴿۴۴﴾﴾ ترجموڪنزُ العرفان: ۽ مان پنهنجا ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو، بيشڪ الله ٻانهن کي ڏسي ٿو. ادا فرمايا، ته ان کان فوراً پوءِ ايندڙ آيتِ ڪريمه ۾ موجود آهي ته الله پاڪ کين فرعون جي برائين کان بچائي ورتو ۽ دشمنن تي سندن مدد فرمائي. (منهاج العابدين، ص 246، مفهومًا)

اِرادے جن کے پختہ ہوں نظر جن کی خدا پر ہو

تلاطُم خیز موجوں سے وہ گھبرایا نہیں کرتے

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

# فهرست


| | |
|---|---|
| پهرين هي پڙهو | 04 |
| درود شريف جي فضيلت | 04 |
| 20پيرا ورجايو | 04 |
| لذتِ قرآن مان بي اختيار روئيندڙ | 06 |
| ڪلامُ الله جي لذت | 06 |
| اي ٻانها تورو سوچ! | 08 |
| مبارڪ ڪتاب | 08 |
| ڪڏهن هن طرح به ڪريو | 09 |
| ڪلامِ پاڪ ڪي چمڻ ڪيئن آهي؟ | 10 |
| قرآني اسرار ۽ رموز | 11 |
| هن آيت تي غور ڪريو! | 11 |
| بي سهارن لاءِ خوشخبري | 13 |
| ڪڏهن محروم ناهيان رهيو | 14 |
| جڏهن ظالم جي ظلم کان تنگ اچي وڃو | 15 |
| شيطان ڪتو آهي | 16 |
| رک مولیٰ تي آس | 18 |
| | |
| | |
| | |

## فرمانِ امیرِ اهلسنت دامت برکاتهم العالیه

### عيد جون خوشيون ۽ غريب

جيڪڏهن ممڪن هجي ته پنهنجي مسجد جي امام، مؤذن ۽ خادم، غريب مٽن مائٽن ۽ پاڙيسرين وغيره، خاص طور تي ضرورت مند سادات ڪرام جي اهڙي مالي مدد جي ترڪيب فرمايو ته جيئن هو ۽ سندن ٻار ٻچا عيد جي خوشين ۾ شريڪ ٿي سگهن.

صلوا علی الحبیب
صلی اللہ علی محمد


فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
+92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net